# جو كمائي سو كائي



هڪ گهر ۾ هڪڙو ڪڪڙ، هڪ ڪانءُ ۽ ٻگيرو رهندا هئا. ٽنهي جي پاڻ ۾ دوستي هوندي هئي، هڪ ڏينهن ڪڪڙ ٻاجهري جو سنگ لڌو ۽ ٻنهي دوستن کي سڏي چيائين ته يار اچو ته هن مان ان جا داڻا ڪڍون. ٻگيري چيو ته آئون دعوت تي ٿو وڃان. ڪانءُ چيو ته منهنجي طبيعت نيڪ نه آهي، تڏهن ڪڪڙ چيو ته چڱو دوست آئون ان جا داڻا ٿو ڪڍان ۽ پوءِ هن ان جا داڻا ڪڍيا ۽ دوستن کي چيائين ته ڏسو ڪيڏا نه وڏندڙ سنا داڻا آهن. داڻا ڏسي ٻئي دوست ڏاڍا خوش ٿيا. ڪڪڙ چين ته هاڻي هنن داڻن کي پيسائي اچو. اهو ٻڌي ٻگيري ڪٽي ٻئي پاسي منهن ڪيو. ڪانءُ چيو ته منهنجو گس ڏنل نه آهي، تنهن تي ڪڪڙ چيو ته خير آ دوستو آئون ٿو پيسائي اچان. جڏهن هو پيسائي آيو ته ڪانءُ ۽ ٻگيرو ڪچهري ڪري رهيا هئا اٿو ڏسي ٻئي چوڻ لڳا ته "اٿو ته ڏاڍو سٺو آهي هن جي ماني به واهه جي ٿيندي" ڪڪڙ چيو ته دوستو آئون ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. توهين ٻئي گڏجي ماني پچايو ٻگيري منهن ٻچڙ و ڪندي چيو ته "آئون پچائڻ ڪونه ڄاڻان" ڪانءُ چيو ته "منهنجا هٿ سڙندا" تڏهن ڪڪڙ ويچاري ماني به پاڻ پچائي جڏهن ماني پچي تيار ٿي، تڏهن ٻئي دوست سرڪي اچي ڪڪڙ جي پر ۾ ويٺا ۽ ڪيس چيائون ته دوست واهه جي ماني پچائي ٿئي، پلاسان کي به ته کاراءِ. ڪڪڙ وڏي ٻانگ ڏئي چيو ته "جو ڪمائي سو کائي، سست سدائين سڪي مرندا."